هفتيوار رسالو :336
WEEKLY BOOKLET:336

# امام احمد رضا خواجه جي دربار ۾

صفحا 21




برېلي شريف کان اجمير شريف 04

خواجه صاحب جو اختيار 10

خواجه جي مزار تي اعليٰ حضرت جو تيجهو 14

خواجه صاحب سان رضا جي خاندان جي محبت 17


پيشڪش:
المدينة العلمية
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **امام احمد رضا خواج جي دربار ۾**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي


**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# امام احمد رضا خواجہ جي دربار ۾

**پيشڪش:** المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# پهريان هي پڙهو

الله پاڪ ماڻهن جي هدايت جي لاءِ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي موڪليو جيڪي ماڻهن کي صِراطِ مستقيم(يعني سڌي راهه) ڏيکاريندا رهيا، خاتَمُ النَّبِيّٖن (آخري نبي) صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آڻڻ کان پوءِ نبوت جو دروازو بند ٿي ويو، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان، تابعين پوءِ تبع تابعين کان بعد اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم سڄي دنيا ۾ دينِ اسلام جو پيغام عام فرمايو. ڪٿي حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي برڪتن سان اسلام پکڙيو، ڪٿي سُلطانُ الهند حضور خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ذريعي گمراهن کي هدايت جي راهه ملي ۽ ڪٿي امام اهل سُنت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قرآن و سُنت جي اشاعت فرمائي. هند جا بي تاج بادشاهہ خواجہ غريب نواز حسن سِجۡزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه برصغير جا مشهور و معروف بزرگ آهن، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! هي ڪتاب اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضريون ۽ ساڻس عقيدت ۽ محبت ڀرين واقعن اقوالن جو مجموعو آهي. اميراهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪجهہ سال پهريان هن موضوع تي بيان فرمايو هن کي وڌيڪ اضافي ۽ تبديلي سان پيش ڪيو پيو وڃي. الله ڪريم! اسان کي اولياءِ ڪرام جي سچي محبت ۽ غلامي نصيب فرمائي ۽ قيامت ۾ اسان کي انهن جي غلامي ۾ اٿاري.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ابو محمد طاهر عطاري عفي عنہ
شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# امام احمد رضا خواجہ جي دربار ۾

دعاءِ عطّار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل صفحن جو رسالو ” امام احمد رضا جي خواجہ جي دربار تي حاضري “ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجي ولين جو اَدب نصيب فرماءِ ۽ انهن جي تعليمات تي عمل جي توفيق ڏي ۽ ان کي سندن والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# درود شريف جي فضيلت

صحابي رسول، حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: جڏهن توهان الله پاڪ کان دعا گهرو تہ پنهنجي دعا ۾ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهو ڇوتہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ تہ مقبول ئي مقبول آهي ۽ الله پاڪ ان کان وڏيڪ ڪريم آهي جو ڪجهہ کي قبول ڪري ۽ ڪجهہ کي رد ڪري. (القول البديع، ص420)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪرامتِ خواجہ بزبانِ امام احمد رضا

اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سُلطانُ الهند خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارمبارڪ مان ڪوڙ فيوض و برڪات حاصل ٿيندا آهن، مولانا برڪات احمد صاحب مرحوم جيڪي منهنجا پير ڀاءُ ۽ منهنجي والدِ ماجد جا شاگرد هئا، انهن مون کي ٻڌايو تہ مان پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ هڪ غير مسلم جنهن جي مٿي کان پيرن تائين ڦرڙيون هيون، الله ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪيتريون هيون، نيڪ منجهند جو ايندو هو ۽ دربار شريف جي سامهون گرم پٿرين تي ليٽندو ۽ چوندو هو: اي خواجہ! اگن لڳي آهي (يعني اي خواجہ ساڙو ٿي رهيو آهي بدن ۾ باهہ لڳي رهي آهي)، ٽئين ڏينهن مون ڏٺو

تہ بلکل صحيح ٿي چڪو آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص384) برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ بارگاهِ غريب نواز ۾ عرض ڪن ٿا:

پھر مجھے اپنا درِ پاک دِکھا دے پیارے
آنکھیں پُر نور ہوں پھر دیکھ کےجلوہ تیرا

(ذوقِ نعت،ص28)

## مون کي اجمير شريف حاضري ڏيڻي آهي

بُرهانِ ملّت، حضرت مفتي محمد عبدُالباقي رضوي جَبَل پوري رحمۃُ اللہِ علیہ جي والدِ محترم حضرتِ مولانا عبدالسّلام جَبَل پوري رحمۃُ اللہِ علیہ سيدي و مرشدي، اعلي حضرت، امامِ اهل سُنت مولانا امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ کي 1905ء ۾ بئي سفرِ حج کان واپسي تي ممبئي ۾ جَبَل پور(شهر تشريف ڪٽي اچڻ) جي دعوت پيش ڪئي تہ منهنجي آقا، اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو: ”اجا مون کي اجمير شريف حاضري ڏيڻي آهي“، اجمير شريف حاضري ڏيندي بريلي ويندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وري ڪڏهن جبل پور ايندس. (اكرام امام احمد رضا ،ص78، 82)

## خواجہ جي عُرس تي بيان

اعلي حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ کي خواجۂ خواجگان، سُلطان الهند، حضرتِ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ کان بيحد عقيدت هئي، پاڻ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي بارگاه ۾ حاضري بہ ڏني آهي بلڪ قابلِ اعتماد تاريخي ڪتابن مان اهو ثابت آهي تہ

## رضا جي بيان جي ڪشش

سُلطان الهند خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار پُرانوار تي عُرس ۾ اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جو بيان ٿيندو هيو ۽ ان بيان جو اهتمام پاڻ مزار شريف جا”ديوان صاحب(يعني مُشير صاحب) ڪندا هئا، هن بيان کي ٻڌڻ جي لاءِ پري پري کان عوام ۽ علماءِ ڪرام بلڪ بعض اوقات دَکّن شهر جا حڪمران بہ ايندا هئا.(معارف ِ رضا سالنامہ1983، ص157)

# بريلي شريف کان اجمير شريف

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جي مُبارڪ زندگي جي آخري ڏينهن”اجمير شريف جي سفر“ جو هڪ پيو ايمان اَفروز واقعو علامہ نور احمد قادري پنهنجي ڏاڏي، مريدِ اعليٰ حضرت، حاجي عبدُالنّبي قادري رضوي رحمۃ اللہ علیہ جي زباني بيان ڪن ٿا.

هن پيري جڏهن اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ بريلي شريف کان اجمير شريف عرسِ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ ۾ حاضري جي لاءِ وڃڻ لڳا تہ ساڻس گڏ ڏهہ يارهن مريد بہ هئا: هڪ ڏاڏي سائين(حاجي عبدُالنّبي قادري رضوي رحمۃ اللہ علیہ) جو استادِ محترم مولانا شاهہ عبدالرحمٰن قادري جي پوري (اعليٰ حضرت جا شاگرد ۽ خليفہ) ۽ خود ڏاڏو سائين محترم حاجي عبدالنبي قادري رحمۃ اللہ علیہ سميت ڪجهہ ٻيا حضرات بہ هئا.

دهلي شريف کان اجمير تائين وڃڻ جي لاءِ” بي بي ايند سي آئي آر“ ريل هلندي هئي، جڏهن هي ريل گاڏي”ڦهليرا اسٽيشن“ تي پهچندي هئي، تہ قريب قريب مغرب جو وقت ٿي ويندو هو”ڦهليرا“ ان زماني جي تمام وڏي ريلوي اسٽيشن هوندي هئي، جتي سانڀر، جوڌاپور ۽ بيڪانير کان اچڻ وارين گاڏين جو بہ ڪراس هوندو هيو. انهن تمام ٻين لائنن کان اچڻ وارا مسافر اجمير شريف وڃڻ جي لاءِ انهيءَ ميل گاڏي(يعني ٽرين) کي پڪڙيندا هئا، انهي ڪري هي ميل گاڏي ڦهليرا اسٽيشن تي تقريباً چاليهہ منٽ بيهندي هئي، مون پاڻ اجمير شريف حاضري ڏيڻ جي لاءِ انهيءَ گاڏي ۾ ڪيئي ڀيرا سفر ڪيو ۽ ڦهليرا اسٽيشن جو حال ڏٺو آهي.

# ريل جڏهن رڪي

بهرحال جڏهن اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ سفر ڪري رهيا هئا تہ ڦهليرا اسٽيشن تي پهچندي ئي مغرب جي نماز جو وقت ٿي ويو، اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مريدن کي فرمايو: نمازِ مغرب جي لاءِ جماعت پليٽ فارم تي ئي ڪئي وڃي، سو چادرون وڇايون ويون ۽ ماڻهن مان جن جو وضو نہ هيو انهن وضو ڪيو،

اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ اڪثر باوضو رهندا هئا، پاڻ فرمايائون: منهنجو وضو آهي ۽ امامت جي لاءِ اڳتي وڌيا پوءِ فرمايائون تہ اوهان سڀئي ماڻهو اطمينان سان نماز ادا ڪيو، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِيْم! گاڏي هرگز اُن وقت تائين نہ ويندي جيستائين اسان ماڻهو نماز پوري طرح ادا نٿا ڪري وٺون.

## ريل هلي نہ سگهي

هي فرمائي ڪري اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ امامت ڪندي نماز پڙهڻ شروع ڪئي. مغرب جي فرض جي جڏهن هڪ رڪعت ختم ڪري چڪا، تہ ريل هڪدم هارن ڏنو، پليٽ فارم تي وڪريل مسافر ڊوڙي اچي پنهنجي پنهنجي سيٽن تي وينا. پر سندن پنيان نمازين جي هي جماعت پوري خشوع و خضوع سان نماز ۾ برابر مشغول رهي، ٻي رڪعت مغرب جي فرض جي تي رهي هئي تہ گاڏي هاڻي ٻيو ڀيرو بہ هارن ڏنو، پر ٿيو چا جو ريل جي انجڻ اڳتي نہ پئي وڌي. ريل گاڏي هئي، ڪا معمولي گاڏي نہ هئي، ان ڪري ڊرائيور ۽ گارڊ سڀئي پريشان ٿي ويا جو آخر هي چا ٿيو جو گاڏي اڳتي نہ ٿي هلي! ڪنهن جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو، انجڻ ٽيسٽ ڪرڻ جي لاءِ ڊرائيور گاڏي کي پوئتي ڌِڪيو تہ گاڏي پوئتي هلڻ لڳي، پر جڏهن انجڻ کي اڳتي هلائي پيو تہ انجڻ رڪجي وڃي پئي.

ايتري ۾ اسٽيشن ماسٽر جيڪو انگريز هيو، پنهنجي ڪمري مان نڪري ڪري پليٽ فارم تي آيو ۽ ان ڊرائيور کي چيو تہ انجڻ کي گاڏي کان جدا ڪري ڏسو، هلي ٿي يا نہ، اُن ايئن ئي ڪيو تہ چڱي طرح پوري رفتار سان هلڻ لڳي پر جڏهن ريل جي ڊبن سان جوڙي ڪري انهيءَ انجڻ کي هلايو ويو تہ اها وري جام ٿي وئي ۽ هڪ انچ بہ اڳتي نہ هلي، ريل جو ڊرائيور ۽ سڀئي ماڻهو حيران و پريشان ٿي ويا تہ هي چا معاملو آهي جو انجڻ ريل جي ڊبن سان جڙي ڪري اڳتي هلي ئي نٿي.

## ولي ڪامل جي برڪت

اسٽيشن ماسٽر گارڊ سان، جيڪو نمازين جي ويجهو ئي بيٺو هيو پڇيو تہ هي

چا ماجرو آهي جو انجڻ الڳ ڪئي تہ هلڻ لڳي ٿي ۽ ٻين سان جوڙي تہ بلڪل پٽڙي تي جام ٿي وڃي ٿي! اهو گارڊ مسلمان هو، ان جي ذهن ۾ ڳالهہ اچي وئي، اُن اسٽيشن ماسٽر کي ٻڌايو تہ سمجهہ تہ اهو ٿو اچي تہ هي بُزرگ جيڪو نماز پڙهائي رهيو آهي، تمام وڏو وليُّ الله آهي، يقيناً ان کان علاوه ٻيو ڪو سبب ناهي. هاڻي جيستائين هي بُزرگ ۽ ان جي جماعت نماز ادا نتا ڪري وٺن، هي گاڏي مشڪل هلي، هي الله پاڪ جي طرفان ان وليُّ الله جي ڪرامت معلوم ٿي رهي آهي، سو انهن جي نماز مڪمل ڪرڻ تائين تہ انتظار ڪرڻو ئي پوندو. اسٽيشن ماسٽر کي هي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ اهو ڇوڻ لڳو تہ بلاشُبہ اها ئي ڳالهہ معلوم ٿي رهي آهي، جيئن تہ اهو نمازين جي جماعت جي ويجهو اچي بيهي رهيو ۽ نماز ۾ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ ۽ سندن مريدن جي خشوع و خضوع جو اهو روحاني منظر ڏسي ڪري ڏاڍو متاثر ٿيو، انگريزي ان جي مادري ٻُولي هئي، پر هُو اردو ۽ فارسي جو بہ ماهر هيو ۽ بي تلڪف اردو ۾ ڪلام ڪندو هيو، گارڊ سان ان سڄي گفتگو اردو ئي ۾ ڪئي.

## سچو مُسلمان نماز قضا ئي ناهي ڪندو

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ سلام ڦيريو ۽ بلند آواز سان درود شريف پڙهي ڪري دعا گهرڻ ۾ مصروف ٿي ويا، جڏهن دُعا کان واندا ٿيا تہ اڳتي وڌي ڪري نهايت ادب سان اسٽيشن ماسٽر(انگريز) اردو ئي ۾ عرض ڪيو: حضرت! ٿورو جلدي فرمايو! هي گاڏي اوهان ئي جي عبادت جي مصروفيت جي ڪري نہ پئي هلي.

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: هي نماز جو وقت آهي، ڪوبہ سچو مسلمان نماز قضا نٿو ڪري سگهي، نماز هر مسلمان تي فرض آهي، فرض کي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهجي؟ اسٽيشن ماسٽر تي اسلام جي روحاني هيبت طاري ٿي وئي، اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ ۽ سندن مريدن سڪون سان جڏهن نماز پوري طور تي ادا ڪئي ۽ دُعا گهري ڪري فارغ ٿيا تہ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ گڏ ئي بيٺل انگريز اسٽيشن ماسٽر کي فرمايائون: اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هاڻي گاڏي هلندي، اسان سڀ نماز کان فارغ ٿي ويا آهيون. اهو فرمائي ڪري پنهنجي سيني ساٿين سان گڏ گاڏي ۾ ويهي رهيا، گاڏي هارن ڏنو ۽ هلڻ لڳي، اسٽيشن ماسٽر

پنهنجي انداز ۾ سلام ڪيو ۽ تعظيم ڪئي پڻ ان ڪرامت جو ان جي ذهن ۽ دل تي گهرو اثر ٿيو.

## انگريز جي دل ۾ هلچل

اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ تہ اجمير شريف روانا ٿي ويا پر اسٽيشن ماسٽر سوچ ۾ پئجي ويو، سڄي رات اهو انهي غوروفڪر ۾ رهيو، ان کي ننڊ نہ آئي، صبح ٿي، تہ چارج پنهنجي ڊپٽي جي حوالي ڪري پنهنجي خاندان کي ساڻ وٺي حاضري جي لاءِ اجمير شريف روانا ٿيا، تہ جيئن اُتي درٻار خواجہ غريب نواز تي حاضر ٿي ڪري اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جي هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪري.

## انگريز مسلمان ٿي ويو

جڏهن اجمير شريف پهتو تہ ڏٺائين تہ درٻار شريف جي شاهجهاني مسجد ۾ اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جو ايمان اَفروز بيان ٿي رهيو آهي، اهو وعظ ۾ شريڪ ٿيو ۽ جڏهن وعظ ختم ٿيو تہ ويجهو اچي ڪري اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جا هٿ چمي ورتا ۽ عرض ڪيائين: جڏهن ڪان اوهان ڦليرا اسٽيشن ڪان هيڏانهن روانا ٿيا آهيو مان ايتري قدر بي چين آهيان جو مون کي سڪون نٿو اچي. آخر پنهنجي خاندان جي ماڻهن کي ساڻ ڪري هتي حاضر ٿيو آهيان ۽ هاڻي اوهان جي هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو، اوهان جي اها ڪرامت ڏسي ڪري مون کي اسلام جي سچائي جو يقين ٿي ويو آهي ۽ مون کي خبر پئجي وئي آهي تہ صرف اسلام ئي الله پاڪ جو سچو دين آهي.

## غوث پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ سان اعليٰ حضرت جي محبت

اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي درٻار تي موجود هزارين زائرين جي سامهون اُن انگريز جنهن جو نالو رابرٽ (Robert) هو ۽ سندس خاندان جي 9 ماڻهن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو ۽ ان رابرٽ جو نالو غوث پاڪ جي نالي تي ”عبدالقادر“ رکيو، پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ ان کي

مسلمان ڪرڻ کان پوءِ سلسلي عاليہ قادريہ ۾ پنهنجو مريد بہ ڪيو ۽ هي هدايت فرمائي تہ

## اعليٰ حضرت جي نصيحت

”هميشہ سنت جي اتباع جو خيال رکجو(يعني سنتن تي عمل ڪجو)، نماز ڪنهن وقت نہ ڇڏجو، نماز، روزي جي پابندي نهايت ضروري آهي ۽ جڏهن موقعو ملي تہ حج تي بہ ضرور وڃجو ۽ زڪوات ادا ڪجو ۽ هميشہ خدمتِ دين جو خيال رکجو، هاڻي پنهنجي وطن بہ جڏهن وڃو تہ اتي بہ دين کي پکيڙڻ جي خدمت سرانجام ڏجو، هي تمام وڏي سعادت آهي. هاڻي اوهان پاڻ بہ قرآنِ پاڪ جي تعليم حاصل ڪيو ۽ پنهنجي تمام خاندان جي افراد کي قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏياريو، پوءِ اهو نئون مسلمان انگريز قرآن ڪريم ختم ڪرڻ کان بعد هندوستان کان وطن واپس موٽي ويو اتي وڃي ڪري اسلام جي خدمت جي لاءِ وقف ٿي ويو. (امام احمد رضا عظيم محسن عظيم کردار،ص 14تا17 ملخصاً ، سالنامہ معارفِ رضا کراچی ، ص 157 تا 161 ملخصاً مطبوعہ 1983)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یا مُعینَ الدّین اجمیری! کرم کی بهیک دو
از پئے غوث ورضا خواجہ پیا خواجہ پیا

(وسائلِ بخشش،ص 536)

## جمعي ۾ بيان

”(هڪ پيرو) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اجمير شريف قيام جي دوران جمعي جو ڏينهن اچي ويو، اعلان ٿيو تہ مُجدّد دِين و ملّت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار سان گڏ واقع مسجد شاهجهاني ۾ جمعي

ڪان پهريان خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي شانِ ولايت تي بيان فرمائيندا، اُن جمعي تي ڪيترائي ڪلاڪ پهريان ئي نمازين جي آمد جو سلسلو شروع ٿي ويو، ايستائين جو مسجد ۽ آسپاس جي جڳھ پرجي وئي، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جو بيان شروع ٿيو، بيان ايترو تہ ايمان افروز هيو جو حاضرين جهومي رهيا هئا، پوءِ اعلان ٿيو تہ باقي بيان عشاء جي نماز ڪان پوءِ هن ئي مسجد ۾ ٿيندو، ماڻهو خوش ٿي ويا، پوءِ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ عشاء جي نماز ڪان پوءِ بيان شروع فرمايو ۽ رات ڪافي دير تائين بيان ٿيو. (سفرنامہ اعلیٰ حضرت، ص 190 ملتقطاً وملخصاً، ثنائے حضرتِ خواجہ بزبانِ امام احمد رضا،2013ء، ص 7 ملتقطاً وملخصاً)

اللہ اللہ تَبَحُّرِ عِلمی — اَب بھی باقی ہے خدمتِ قلمی
اہلِ سنّت کا ہے جو سرمایہ — واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

(وسائلِ بخشش، ص575)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خواجہ صاحب جو اختيار

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: پاڪِل پور(هند جي هڪ شهر) مان هڪ شخص هر سال اجمير شريف ويندو هيو. هڪ اهڙو مالدار شخص جيڪو اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم جي ولايت ۽ اختيارات کي نہ مڃيندو هو. اُن هن شخص کي چيو: مِيان هرسال ڪيڏانهن ويندو آهين؟ فضُول ۾ ايترا پيسا ضايع ڪرين ٿو، ان چيو: مون سان گڏ هلو! ۽ انصاف واري اک سان ڏسو! پوءِ توهان کي اختيار آهي. خير هڪ سال اهو شخص گڏ آيو، ڏٺائين تہ هڪ فقير ڏنڊو ڪٽي مزار شريف تي اها صدا لڳائي رهيو آهي: ”خواجہ پنج روپيہ وٺندس ۽ هڪ ڪلاڪ جي اندر وٺندس ۽ هڪ ئي شخص ڪان وٺندس.“ جڏهن اُن بدعقيده شخص کي خيال ٿيو تہ هاڻي گهڻو وقت گذري چڪو، هڪ ڪلاڪ تي ويو آهي اجا تائين هن کي ڪنهن ڪجھ ناهي ڏنو، کيسي مان پنج روپيہ ڪڍي ڪري ان جي هٿ تي رکيا ۽ چيو وٺو ميان! تون خواجہ ڪان گهري رهيو هئين، پلا خواجہ ڇا ٿو

ڏئي سگهي؟ ونءُ مان تو ڏيان. فقير اهي پيئسا کيسي ۾ رکيا ۽ هڪ چڪر لڳائي کري زور سان چيو: خواجہ! اوهان تي قربان وڃان پيئسا ڏيارائي بہ تہ کنهن بدعقيده شخص کان". (ملفوظات اعلیٰ حضرت، ص 384، ملخصاً)

| | |
|---|---|
| میں ہوں سائل میں ہوں منگتا | یاخواجہ مِری جھولی بھر دو |
| ہاتھ بڑھا کر ڈال دو ٹکڑا | یاخواجہ مِری جھولی بھر دو |
| جو بھی سائل آ جاتا ہے | مَن کی مُرادیں پا جاتا ہے |
| میں نے بھی دامن ہے پَسارا | یاخواجہ مِری جھولی بھر دو |

(وسائلِ بخشش،ص568)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت معين الدّين ضرور غريب نواز آهن

منهنجي آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ کان سوال ٿيو: حضرتِ خواجہ معين الدين سِجزي رحمۃ اللہ علیہ کي غريب نواز جي لقب سان سڏڻ جائز آهي يا نہ؟ تہ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ ارشاد فرمايائون: حضرت سلطان الهند معينُ الحق والدّين ضرور غريب نواز (آهن). (فتاویٰ رضويہ 105/29 ماخوذاً)

## خواب ۾ حاضري

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ بيداري سان گڏوگڏ خواب ۾ بہ اجمير شريف حاضر ٿيا آهن، جيئن تہ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

ربيع الآخر 1302ھ ۾ مان سُلطانُ المشائخ محبوب الٰهي رحمۃ اللہ علیہ جي مزار شريف تي حاضر ٿيس، هن کان بہ سال پهريان منهنجي ساڄي اک ۾ مطالعي جي ڪثرت جي ڪري ڪجھ ڪمزوري اچي وئي، مون 40 ڏينهن تائين ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر ڪجھ فائدو نہ ٿيو، پوءِ سُلطان المشائخ محبوب الٰهي رحمۃ اللہ علیہ جي تعريف ۾ ڪجھ شعر لکيا، رات جڏهن سُتس تہ خواب ۾ هڪ خوبصورت مقام ڏٺو، جنهن جي هڪ طرف مسجد ۽ ٻي طرف مزار شريف هئي، جڏهن ويجهو ويس تہ ٽي قبرون نظر آيون، قبلي جي طرف خواجہ غريب

نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي جڏهن تہ اُن جي پويان حضرت شاھ برڪت الله مَارهَروي رحمۃُ اللہِ علیہ جي قبر شريف هئي، تنهن قبر مان سجاڻي نہ سگهيس. مان خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار شريف جي پيرن جي طرف ويهي رهيس، ٻا ٿو ڏسان تہ قبر مبارڪ کُلي ۽ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ قبلي جي طرف منهن ڪري ليٽيل آهن ۽ مبارڪ اکيون کليل آهن، حليو مبارڪ ڪجھ هيئن هو جو طاقتور ۽ ڊگهو قد، رنگ ڳاڙهو، اکيون وڏيون ۽ ڏاڙهي جا وار ڪارا آهن، مان پنهنجو پاڻ کان بي خبر ٿي ڪري ڊوڙيس ۽ قبر شريف کُلڻ ۾ جيڪا مٽي شريف ٻاهر نڪتي هئي ان کي منهن ۽ اکين تي مَليو ۽ سورت ڪهف جي تلاوت شروع ڪئي، ڪنهن منع ڪيو تہ مون دل ۾ چيو تہ مان خواجہ غريب نواز جي سامهون تلاوت ڪري رهيو آهيان، هي مون کي ڇو منع ڪري رهيو آهي، ايتري ۾ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ مون کي ڏسي مرڪڻ لڳا، ڄڻ تہ مون کي اشارو ڪري رهيا آهن تہ انهن کي ڇڏيو ۽ توهان پڙهو! پوءِ مون کي ياد ناهي تہ آيت نمبر 10 يا 16 تائين پهتس ۽ منهنجي اک کُلي وئي، الله پاڪ جو ڪرم ٿي ويو جو هيڏي خواب ڏٺو هوڏانهن اکين جي مرض ۾ ڪافي فرق پئجي ويو مون چيو هي اُن مبارڪ مٽي مَلڻ جي برڪت آهي ۽ حضرت خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي هي ڪرم نوازي سُلطان المشائخ محبوب الٰهي رحمۃُ اللہِ علیہ جي منقبت جي بدولت حاصل ٿئي.(قصيدہٗ اڪسيرِ اعظم مع ترجمہ، ص 110 تا 114 ملخصاً)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلَّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

تجھ کو بغداد سے حاصل ہوئی وہ شانِ رَفیع
دَنگ رہ جاتے ہیں سب دیکھ کے رُتبہ تیرا
(ذوقِ نعت،ص28)

# خليفهءِ اعليٰ حضرت، سيّد حُسين علي اجميري

خليفهءِ اعليٰ حضرت سيّد حُسين علي اجميري رحمۃُ اللہِ علیہ جو سلسلو نسب خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ کان ٿيندي مُسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرتِ موليٰ علي شير خُدا رضی اللہ عنہ کان وڃي ملي ٿو. سندن خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ کان بيحد محبت هئي ۽ مزار مبارڪ جي خدمت کي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندا هئا بطورِ عاجزي فرمائن ٿا: "اسان بُرا آهيون به ته خواجه غريب نواز جا آهيون" پاڻ رحمۃُ اللہِ علیہ خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي سيرت تي هڪ ڪتاب بنام ''دربارِ چِشت اَجمير'' لکي، جنهن ۾ بارگاهِ خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ ۾ حاضري جا آداب لکيل آهن. اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ سندن گهڻي عزت ۽ تعظيم فرمائيندا هئا.(تجليات خلفاء اعلیٰ حضرت، ص 448 تا 456 ملتقطاً وبتغير)

# آقا ﷺ جي بارگاه کان شهزادي جي بارگاه ۾

خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي دربار ۾ اعليٰ حضرت جي حاضري جو خوبصورت واقعو خليفهءِ اعلي حضرت سيّد حُسين علي اجميري رحمۃُ اللہِ علیہ نهايت پياري انداز سان پنهنجي ڪتاب"دربارِ چشت" ۾ لکن ٿا:

منهنجا پيرومرشد، مُجَدِّدِ دين و مِلّت، اعليٰ حضرت، مولانا امام احمد رضا خان صاحب رحمۃُ اللہِ علیہ ٻه ڀيرا خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا. اعلي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جي ٻي حاضري خاص ڪري ذڪر جي قابل آهي. پاڻ 1325 هجري ۾ حج ۽ زيارت جي سعادت حاصل ڪري جڏهن هندستان جي ساحل تي آيا ته مختلف شهرن مان سندن چاهڻ وارا ممبئي پهتا ۽ ڪيئي هنڌن تان پيغام آيا ته سائين اوهان اسان وٽ تشريف ڪٺي اچو! پر پاڻ سڌو خواجه غريب نواز(رحمۃُ اللہِ علیہ) جي آستاني تي حاضر ٿيا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار(مديني شريف) جي حاضري کان بعد پاڻ انهن جي شهزادي حضرت خواجهءِ هند جي دربار ۾ حاضري ڏني. هي حاضري اهڙي عقيدت ۽ محبت واري هئي جو آستاني جي خادمن ۽ اجمير جي مسلمانن جي دلين تي نقش ٿي وئي. اڄ به اسان خادمن ۾ هن حاضري جا چرچا ٿين ٿا. (دربارِ چشت،ص 33 بتغيروتسهيل)

## خواجہ جي مزار تي اعليٰ حضرت جو ٽيجهو

اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ پنهنجي خليفي، حضرت سيّد حُسين علي اجميري رحمۃُ اللہ علیہ کي دربارِ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ ۾ حاضري جي وقت پنهنجو دعا جي لاءِ وڪيل بڻائيندا هئا ۽ بہ پيرا سندن گهر (اجمير شريف) ۾ قيام بہ فرمايائون. اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جي وصال تي پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ ئي ٽيجهي شريف جو انتظام آستانہ عاليہ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ تي فجر جي نماز کان بعد وڏي تعداد ۾ ڪيو، جنهن ۾ ڪوڙ ختم قرآن ٿيا ۽ آخر ۾ لنگر بہ ورهايو ويو. اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جي عرس جي موقعي تي حضرت سيّد حُسين اجميري رحمۃُ اللہ علیہ اجمير شريف کان قافلي جي صورت ۾(بريلي شريف مزار مبارڪ تي چاڙهڻ جي لاءِ) چادر آڻيندا هئا. سيدي اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ کين سلسلہ چشتيہ ۾ پنهنجي خلافت کان بہ نوازيو. سندن مزار شريف اجمير شريف ۾ ”اَناساگر وادي“ ۾ آهي. (تجلياتِ خلفاء اعلیٰ حضرت، ص 456تا 462 ملتقطاً و بتغير)

## دربارِ خواجہ جا خادم غمزده

اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہ علیہ جو جڏهن انتقال ٿيو تہ ملڪ جي مختلف شهرن جيان اَجمير شريف ۾ بہ اهتمام سان سندن فاتح يعني ٽيجهي جون تقريبون ٿيون، سندن وصال سان دربار خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ جي خادمن ۽ مريدن کي تمام گهڻو ڏک ٿيو.( تجلياتِ خلفاء اعلیٰ حضرت، ص458، 459 ملخصاً)

اللہ غنی! شانِ ولی! راج دلوں پر ۔۔۔ دُنیا سے چلے جائیں حُکومت نہیں جاتی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب ۔۔۔ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مزارِ خواجہ تي دعا قبول ٿيندي آهي

اعليٰ حضرت جي والد، حضرت علامہ مولانا مُفتي نقي علي خان رحمۃُ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب” اَحْسَنُ الْوِعَاءِ لِآدَابِ الدُّعَاءِ “ جنهن کي مڪتبة المدينہ ”فضائل دُعا“ جي نالي سان شايع ڪيو آهي هن ڪتاب جي شرح خود سرڪارِ اعلٰي حضرت

رحمۃُاللہِعلیہ ڪئي آهي ۽ ڪيئي هنڌن تي اضافو به ڪيو آهي، جيئن ته هن ڪتاب جي صفحي نمبر 128 تي ”باب اَمکِنۂِ اجابت( يعني باب دعا قبول ٿيڻ جا مقامات) مان مقام نمبر 39 تي اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ تحرير فرمايو ته حضرت خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار مبارڪ تي دعا قبول ٿيندي آهي. (فضائل دعا،ص138ماخوذاً)

# اجمير شريف

اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ کان اجمير شريف جي باري ۾ هڪ سوال ٿيو، جنهن جي جواب ۾ پاڻ نهايت پياري ڳالھ ارشاد فرمايائون:

اعلٰي حضرت رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: ”اجمير شريف“ جي نالي سان گڏ (جاڙي واٽي) لفظ ”شريف“ نه لکڻ جيڪڏهن هن ڪري آهي ته خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي هن شهر ۾ اچڻ، زندگي گذارڻ ۽ مزار شريف ڪي عظمت ۽ برڪت جي جڳهه نٿو مڃي ته گمراھ(يعني حق جي راھ کان ڀٽڪيل) بلڪ الله پاڪ جو دشمن آهي.

بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: الله پاڪ فرمائي ٿو: جنهن منهنجي ڪنهن دوست کان دشمني رکي ان کان منهنجي اعلانِ جنگ آهي.“ (بخاری،4/ 248، حديث :6502) ۽ خواجہ غريب نواز جو غلام ٻڌجڻ کان انڪار جي وجهه جيڪڏهن تڪبر ڪرڻ آهي ته اهو ئي گمراھ (يعني حق جي راھ کان ڀٽڪيل آهي) ۽ پوئين حديث جي حڪم مطابق الله پاڪ جو دشمن آهي ۽ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۶۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا متڪبرن جو ٺڪاڻو جهنم ۾ ناهي. (پ24، الزمر:60)

(فتاویٰ رضويہ، 265/15 ملخصاً)

اپنی مَنزل سے کبھی بھی وہ بھٹک سکتا نہیں
جس کے تم ہو رہنُما خواجہ پیا خواجہ پیا

ایک ذرّہ ہو عطا عطّارؔ کے | خواجہ! گھر بھر کا بھلا خواجہ
ہو جائیگا | پیا خواجہ پیا

(وسائلِ بخشش،538، 539)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عربي شجرو سند جي صورت ۾ غريب نواز جا لقب

منهنجي آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ سلسلہ قادريہ چشتيہ نظاميہ برڪاتيہ جو شجرو حديث جي سند جي صورت ۾ تحرير فرمايو ۽ ان ۾ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ کي 5 لقبن سان ياد فرمايو اٿن: (1) السَيِّدُ الْأَجَل (يعني وقت جا تمام وڏا امام) (2) سُلطانُ الهند(هندستان جا بادشاھ) (3) حبِيّبُ الله(يعني الله پاڪ جا پيارا بانها) (4) وارثُ النَّبي (يعني نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا وارث) (5) مُعين الدّين (يعني دين جي مدد فرمائڻ وارا) اَلْجِشّتي، اَلسِّجَزي، اَلْاَجميري رضی اللہ عنہ. (تاريخ وشرح شجرہ قادريہ برڪاتيہ رضويہ، ص 119)

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواجۂ خواجگاں | غریب نواز ، غریب نواز | قبلۂ عارفاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| سیدِ زاہداں! | غریب نواز ، غریب نواز | زینتِ عارفاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| مُرشدِ ناقِصاں! | غریب نواز ، غریب نواز | رہبر کامِلاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| ہادی گمرہاں! | غریب نواز ، غریب نواز | مصلح عاصِیاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| حامیٔ بے کَساں ! | غریب نواز ، غریب نواز | ہیں کس بے کساں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| اے شَہِ صالِحاں! | غریب نواز ، غریب نواز | ہم پہ ہوں مہرباں! | غریب نواز ، غریب نواز |

(وسائلِ فردوس،ص62)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صدرُالشريعه اجمير شريف ۾ صدرُالمُدَرِّس

خليفهٔ اعلي حضرت، حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رحمۃُ اللہِ علیہ دربارِ خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ ۾ حاضر ٿي 1925ء کان 1933ء تائين تقريباً 8 سال دارالعُلوم مُعِينيه عُثمانيه ۾ صَدرُ المُدَرِّسين(يعني سيني کان وڏي استاد) جي حيثيت سان علم دين جي تدريس فرمائيندا رهيا.

(سيرتِ صدر الشريعه، ص 48)

## خواجه صاحب سان رضا جي خاندان جي محبت

اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جي وصال شريف کان بعد سندن صاحبزادا حجة الاسلام مولانا شاهه حامد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ ۽ حضور مفتي اعظم هند مولانا مُصطفيٰ رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ هر سال خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي عرس جي موقعي تي باقاعدگي سان حاضر ٿيندا هئا. پاڻ ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ هجن پر 6 رجب تي سندن حاضري اجمير شريف ۾ ضرور ٿيندي هئي.

(خواجہ غریب نواز اورایک غلط فہمی کا ازالہ،ص7ماخوذاً)

## غريب نواز جو باغ

خليفهٔ اعلي حضرت صدرالافاضل حضرت مولانا نعيم الدين مراد آبادي رحمۃُ اللہِ علیہ خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي سيرت تي باقائده هڪ ڪتاب بنام”گُلبُنِ غريب نواز“ لکيو آهي. (تذكرة الافاضل، ص20)

## بارگاهِ غريب نواز ۾ اعليٰ حضرت جو هڪ ٻيو خليفو

اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جي هڪ ٻئي خليفي شيخ الاصفياء سيّد غلام علي اَجميري رحمۃُ اللہِ علیہ پنهنجي سڄي زندگي سُلطانُ الهند خواجه مُعِينُ الدين چشتي رحمۃُ اللہِ علیہ جي تعليمات کي عام ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي، ايستائين جو سندن مزار شريف به خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار شريف سان مُتّصِل قبرستان ۾ آهي، اعلٰي حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ انهيءَ ڪري ساڻس تمام گهڻي محبت ڪندا هئا

چوٿ پاڻ خواجه غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي مزار شريف جا خادم هئا. (تجليات خلفاء اعلیٰ حضرت، ص471)

## خلافت اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مبارڪ زندگي جي آخري ڏينهن ۾ 13 جُمادي الآخر 1338 هجري بروز جمعۃُ المبارڪ سيّد غلام علي اَجميري رحمۃ اللہ علیہ کي پنهنجي خلافت سان نوازيو.[1]

(تجليات خلفائے اعلیٰ حضرت،ص472)

## سلسلہ چشتيہ نظاميہ برڪاتيہ

پروفيسر مَجيدُ الله قادري صاحب لکن ٿا: شاگرد، مُريد ۽ خليفۂ مجاز مفتي اعظم هند، حضرت علامہ مولانا عبدالهادي قادري رضوي نوري سان امام احمد رضا جي لکيل شجرن تي گفتگو ٿي رهي هئي، ان تي انهن ٻڌايو تہ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ کي مَارهَره شريف کان جن 13 سلسلن ۾ خلافت ۽ اجازت هئي ان ۾ هڪ سلسو"چشتيہ نظاميہ برڪاتيہ" بہ آهي ۽ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ هن سلسلي ۾ ڪجھ ماڻهن کي بيعت بہ ڪيو هيو ۽ انهن جي خواهش تي اردو منظوم شجرو سلسلہ چشتيہ نظاميہ برڪاتيہ بہ تصنيف فرمايو. بارگاهِ الٰهي ۾ خواجه غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي وسيلي سان هن شجري ۾ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ هيئن لکن ٿا:

مُرشدانِ چِشت کی سچّی غلامی کر نصیب　　شہ معینُ الدِّین چشتی باخُدا کے واسطے

(تاريخ وشرح شجره قادريہ برڪاتيہ رضويہ ،ص 98)

## منقبت حضرت خواجه غريب نواز

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان حَسن رحمۃ اللہ علیہ سُلطان الهند، حضرت خواجه معين الدّين چشتي اجميري رحمۃ اللہ علیہ جي منقبت ۾ 19 اشعار لکيا آهن، الله پاڪ سندن هن منقبت کي مقبوليت سان نوازيو، عوام و

[1] اجازت ۽ خلافت جي تحرير جو عڪس ڪتاب جي آخر ۾ ڏسندا.

خواص ۾ هي منقبت ڪافي ذوق و شوق سان پڙهي ٻڌي ويندي آهي.

خواجۂ ہند وہ دَربار ہے اَعلیٰ تیرا
کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا

مَے سر جوش در آغوش ہے شیشہ تیرا
بیخودی چھائے نہ کیوں پی کے پیالہ تیرا

خُفْتَگانِ شبِ غفلت کو جگا دیتا ہے
سالہا سال وہ راتوں کا نہ سونا تیرا

ہے تِری ذات عَجَب بحرِ حقیقت پیارے
کسی تیراک نے پایا نہ کنارا تیرا

جورِ پامالیٔ عالم سے اِسے کیا مطلب
خاک میں مل نہیں سکتا کبھی ذرَّہ تیرا

کس قدر جوشِ تَحیُّر کے عَیاں ہیں آثار
نظر آیا مگر آئینہ کو تلوا تیرا

گلشنِ ہند ہے شاداب کلیجے ٹھنڈے
واہ اے اَبرِ کرم زور برسنا تیرا

کیا مہک ہے کہ مُعَطَّر ہے دِماغ عالم
تختۂ گلشنِ فردوس ہے روضہ تیرا

تیرے ذرَّہ پہ مَعاصی کی گھٹا چھائی ہے
اس طرف بھی کبھی اے مہر ہو جلوہ تیرا

تجھ میں ہیں تربیتِ خِضْر کے پیدا آثار
بحر و بَر میں ہمیں ملتا ہے سہارا تیرا

پھر مجھے اپنا در پاک دکھا دے پیارے
آنکھیں پُر نور ہوں پھر دیکھ کے جلوہ تیرا

ظِلِّ حق غوث پہ ہے غوث کا سایہ تجھ پر
سایہ گُسْتَر سرِ خُدام پہ سایہ تیرا

تجھ کو بغداد سے حاصل ہوئی وہ شانِ رَفیع
دَنگ رہ جاتے ہیں سب دیکھ کے رُتبہ تیرا

کیوں نہ بغداد میں جاری ہو ترا چشمہ ٔ فیض
بحرِ بغداد ہی کی نہر ہے دریا تیرا

کرسی ڈالی تِری تختِ شہِ جیلاں کے حضور
کتنا اُونچا کیا اللہ نے پایا تیرا

رَشک ہوتا ہے غلاموں کو کہیں آقا سے
کیوں کہوں رَشک دہِ بدر ہے تلوا تیرا

بشر افضل ہیں مَلَک سے تِری یوں مدح کروں
نہ مَلَک خاص بشر کرتے ہیں مُجرا تیرا


جب سے تو نے قدمِ غوث لیا ہے سر پر
اَولیا سر پہ قدم لیتے ہیں شاہا تیرا

مُحْیِ دیں غوث ہیں اور خوا جہ مُعِیْنُ الدِّیں ہے

(ذوقِ نعت، ص 27، 29)

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد　　صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-591-0

01082461

فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net